SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر VI مجريه 1985
# SINDH ACT NO.VI OF 1985
# سنڌ قانون (ترميم) ايڪٽ، 1985
# THE SINDH LAWS (AMENDMENT) ACT, 1985
## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1966 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس XX جي دفعه 30 جي ترميم
Amendment of section 30 of West Pakistan Ordinance XX of 1966

3. 1975 جي سنڌ ايڪٽ XV جي دفعه 8 جي ترميم
Amendment of section 8 of Sindh Act XV of 1975

# سنڌ ايڪٽ نمبر VI مجريه 1985
# SINDH ACT NO.VI OF 1985
# سنڌ قانون (ترميم) ايڪٽ، 1985
# THE SINDH LAWS (AMENDMENT) ACT, 1985

[16 ڊسمبر 1985]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ ڪاٽن ڪنٽرول آرڊيننس، 1966 ۽ سنڌ ماليات ايڪٽ، 1975 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ ڪاٽن ڪنٽرول آرڊيننس، 1966 ۽ سنڌ ماليات ايڪٽ، 1975 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان ڪري هن ريت جوڙي نافذ ڪيو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1.(1) هن ايڪٽ کي سنڌ قانون (ترميم) ايڪٽ، 1985 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1966 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس XX جي دفعه 30 جي ترميم
Amendment of section 30 of West Pakistan Ordinance XX of 1966

2. سنڌ ڪاٽن ڪنٽرول آرڊيننس، 1966 جي دفعه 30 جي ذيلي دفعه (2) ۾، شق (1) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

"(1) فيس فيڪٽرين جي مالڪن يا ڪاٽن ڊيلرس يا ڪمپنين جي ميئنيجرن طرفان حڪومت جي بيان ڪيل اڳهه تي ادا ڪئي ويندي:

(i) ڪپهه جي فصل سان لاڳاپيل زراعت جي

ترقي ۽ سڌاري لاءِ
(ii) سنڌ لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس، 1979 تحت جوڙيل ڪائونسل طرفان سنياليل مقامي علائقن جي ترقياتي اسڪيمن لاءِ پنجويھہ سيڪڙو في اوڳاڙي ويندي؛ ۽
(iii) هن آرڊيننس جي انتظاميہ جا خرچ پڪا پورا ڪرڻ لاءِ“.

1975 جي سنڌ ايڪٽ XV جي دفعہ 8 جي ترميم
Amendment of section 8 of Sindh Act XV of 1975

3.سنڌ ماليات ايڪٽ، 1975 جي دفعہ 8 ۾:
(a) ذيلي دفعہ (1) ۾:
(i) لفظ ”ترقي“ ختم ڪيو ويندو؛
(ii) لفظ ”چانور“ ۽ لفظ ”۽“ وچ ۾ لفظن ۽ ڪامائن ”۽ سنڌ لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس، 1979 تحت جوڙيل ڪائونسل جي هٿ هيٺ آيل مقامي علائقن جي ترقياتي اسڪيمن لاءِ“ شامل ڪيا ويندا؛
(b) ذيلي دفعہ (3) کانپوءِ هيٺين ذيلي دفعہ شامل ڪئي ويندي:
”(4) ڪائونسلن جي هٿ هيٺ ترقياتي اسڪيمن لاءِ مختص ڪيل فنڊس گذريل سال دوران اوڳاڙيل ٽوٽل فيس جي پنجويھہ سيڪڙو کان وڌيڪ نہ هوندا.“

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**